بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## ڪافي ١ ( راڳ ڪوشڪ ڏني )

## اڏيان اوتارو نہ آهِ آشيان- مظهر منهنجو مئخانہ.




١- اصل آشيانہ اِهو منهنجو آهي- جتي نالو ٻيو ڪو ناهي-
نيارو آهيان نيشان-

٢- راز رنگيلي آهيان رنگ ۾- عشق عجائب اصلي انگ ۾-
شاهي متي شاهيان-

٣- قائم قرب ڪُلي تي قائم- دم دم درسن دم آھ دائم-
فرمودي فرقان-

٤- سير صفاتي آيس سانگي- لاحد واري لنگهي لانگهي-
’مهدي‘ تي مهمان-

# ڪافي ٢

## اونڌي ڪنڌ اُداسي- اِسم تا اورين.

١- پايو منهن مونن ۾- سمرڙيون سورين.




٢- عدل ۽ انصاف جا - وينا تِرَ تورين.

٣- رندن واري راهه ۾ - گهوريو سر گهورين.

٤- اندر ٻاهر هڪڙو- ٻيو نہ چپ چورين.

٥- ’مهديءَ‘ جي ميلاپ لئي - وينا ڏک ڏورين.

# ڪافي ٣

## آءٌ قرباني ٿيان تن- جامو پهرايو جن،
## موهي من مستان ڪيو- مرڪي محبوبن.




١- مچري پيش وازي- ڪيون روح راضي،
برھ بيرنگ بازي- چيريون ٿيون چمڪن.

٢- نورا ننگي دار- گهنگهرو ڪن گهڻڪار،
ٻاهين ٻيڙيدار- بازون بند بدن.

٣- مُنديون مَنَدَ هٿن- خوشيءَ مان سي ڪٿن،
ڪنگڻن جون قطارون- ٻانهن منجهه نهن.

٤- 'مهدي' ساڻ ملن- ڪليو سي خوش ٿين،
باهيون ٿيون ٻڙڪن- اڱڻ محب اچن.

# ڪافي ۴

## الله آهہ پرواھ ناھي ، قالو بلا ڏس قول ڪي ڪاھي-

۱- انحد عشق الـث اشارو- لاحد وارو لاھ بہ آھي.



۲- صحي سجاٽج سُخن انھيءَ ڪي- بيرنگ برھ بقاءُ بہ آہ.

۳- طالب توڪل ٻڌ توحيد ترھو- وحدت ريءَ ٻي واھ بہ ناہ.

۴- ظاھر زيب زماني ’مهدي‘- قائم قرب ڪلاھ بہ آہ.

# ڪافي ۵

## آهيان عبديت جي اولي- ڳجهي ڳالهه لڌم ڳجهه ڳولي-

١- احديت آ اقرار اسانجو- قالو بلا واري قولي-

٢- پاڻ سڃاتم پاڻ کي جاتم- ٻولڻ وارو ٿو ٻولي-




٣- صحي سڃاتم ثابت سُر کي- ٻَوَ ٻجي سڀ ٻولي-

۴- مظهر ۾ اٿم نالو ’مهدي‘- خيال ڏٺم خود کولي.

# ڪافي ٦

## انهيءَ منهنجي ڳالهه سچيءَ تي- اوهان ڪيو ويساهه-

١- اندر ٻاهر باطن ظاهر- آهي پاڻ اللهﷻ.

٢- جيڏهون ڪيڏهون آهي اُهوئي- قول ڪلام اللهﷻ.




٣- اللهﷻ طالب فقير جو آهي- سُرَ مون پيم سماءُ.

٤- مولا جا طالب مور نہ مڙندا- تن کي ڪير ڪري گمراهه.

٥- مظهر ۾ آهي 'مهدي' ماهر- حيدر ڪرّار همراهه.

# ڪافي ٧

## اهي آڏوتي الف پڙهن، عاشقن ٻارڻ ٻاريو،
## وه واهه جوڳي ناٿ جلن.

١- جر ڄيراتي ڄيري ڪايا، اُلا ڄيبون برهه ٻچايا،
اُهي معشوقن جا ماريا، منزل مرد رسن.




٢- اَلّ عشق نارالله لاٽئون لالي- مچ محبت جو نوبت شاهي،
آٽن چاڙهن پاڻ سپاهي- ٻيا سپ ورق وسارن.

٣- ’مهدي‘ اُنهن گهر آيو، خوديءَ کي جن پاڻ جلايو،
پرينءَ تن کي پاڻ پسايو، اُهي آڙه منجهه اچن.

# ڪافي ٨

## نقل ڪي وڃي نام نفي ڪيو، اصل ٿيو اثبات.

١- قلبي قرب قرارو قائم- وحدت وائي وات.

٢- سِريءَ سير سجاتم سارو- مورت جي محلات.




٣- روحيءَ ۾ آهي رهبر رايو- ڏسڻ واري ذات.

٤- خفيءَ ۾ آه خيال خماري- ڪسڻ واري ڪات.

٥- اخفا جو آهي اُلٿ اشارو- انحد واري اوقات.

٦- ظاهر باطن هادي ’مهدي‘ - مولا واري مصلات.

# ڪافي ٩

## بني هاشمي نُور نِرمَلُ نرالي-
## ڏيونِ اُٺ قطاران بيشڪ بخشڻ والي.

١- پنجان وچ جو پڌرا عليّ مرتضيٰ هي،
خيبر هڪ هڪل نال اُنايائين اڪيلي.




٢- حَسَن دي زهر دا، آکيان ڪيا قَهَر دا،
حُسينڻ حيدر دا، ڪُٺا ڪَلهه قبيلي.

٣- عابّد دي بيماري، عاشق دي اظهاري،
هتين اُٺ مهاري، سنبريا سفر سويلي.

٤- حقي حق چاڙئين، بارهان ڪون سجاڙئين،
مئي جي موج ماڙئين، ’مهديءَ‘ واري ميلي.

# ڪافي ١٠

## بيقراري قرار بره بهادر لاٰئي بهاري-

١- اَڄ ڏِني جي ڪر اثباتي- ڏنا سپ وسار.

٢- همه اُوست حال ڍڪايو ڍولڻ- متئون مينگھ ملهار.




٣- دم ڪان سواءِ دم آ خالي- له دم جي سُرِتِ سنيار.

٤- ڊَپَ ۽ داوَ ڇڏيائين سپ داهي- ’مهدي‘ تيو مهدار.

# ڪافي ١١

## ٻڌل آهيان ٻول ٻول ، پنهنجي محبوب سان.

١- ڪالهه ڪالهوٽي ويڙهل وچ ۾- ڪري آيس قول قول،
محبت وارا ميل ميل.

٢- مُڪُ ميزان جي منصف وچ ۾- تُريل آهيان تول تول.
--------------------------

٣- ساعت توريءَ ڪانهَ سري تي- وٺي وڃهان ڪيئن ويل ويل.
--------------------------

٤- موج مدامي ’مهديءَ‘ ميلي- گهڙيءَ گهڙيءَ ٿيان گهول گهول.
--------------------------



# ڪافي ١٢

## تنهنجي نام بنا پيو نہ نام وٽي-
## تنهنجي محبت ۾ آهن مناڻ مٽي.

١- تنهنجي من ۾ محبت آهي مِنَلَ-
تنهنجي قربن جا آهن ڪيئي ڪُتَلَ،

تنهنجي ماڻن جا آهن ڪيئي مُنَلَ-
آءٌ تيل خريد آهيان ڳِڌل ڳٽي.

٢- تنهنجي من ۾ محبت آهي مدا-
تنهنجي سڪڙي سيني ۾ آهي سدا،

ڪڏهن ڪين ٿيندس توکئون يار جدا-
تنهنجي پيل پُکي آهيان قرب ڪٽي.

٣- تون ’مهدي‘ آهين مهدار مِنا-
توکئون دم نہ ٿيان هڪ ذار مِنا،

توکئون وٿي نہ وجهان وچؤن وار منا-
توريءَ سڏڙا سڪايلَ جا ڪير سٽي

# ڪافي ١٣

## پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس- پنهن جو آهيان پاڻ.

١- ڪير آهين ڪنهن ڪي ٿو ڳولين- سڀ ڪجھ توسان ساڻ.

٢- منصور واري مام تي محڪم- ڪوھ ڪيئون ڪنهنجي ڪاڻ.




٣- اِهو انصاف عشق جو آهي- چوَڏ طرف چانداڻ.

٤- مظهر ۾ ٿي آيس ’مهدي‘- هر سان هِڪ هِڪاڻ.

# ڪافي ١۴

## پيالو پيتل هجي، گھوڙو ڪونتل هجي-
## حسن هوٺل هجي، اُتي ڪيچل نہ هجي.

١- سڀ هجن سالڪ سراسر،پرت جي پيمان ۾-
پرين پل پل بہ هجي،وائي وصل نہ هجي.




٢- پٽ پٽيهر ڪيمخاب،بوسڪيون بيشمار-
ڪتو ڪٺل بہ هجي،اُتي ململ نہ هجي.

٣- سڀ هجن صوبا سدا،صاحب سلامت سربسر-
خنجر قاتل بہ هجي،اُتي جهل جهل نہ هجي.

۴- پوءِ ٽين پڌرا پَتا،عشق جي انصاف جا-
’مهدي‘ محفل بہ هجي،اُتي اٽڪل نہ هجي.

# ڪافي ١٥

## پُر پيالو پريئن پياريو- پيئڻ سان پروان.

١- ڪوثر ڪيفُ ڪلالي قائم- سوره سر سلطان.

٢- ڏنئون جام جلالي جَنگي- مانجهي پي آيا ميدان.

٣- سيني سير سجاتم سارو- ’مهدي‘ جي ميخان.



# ڪافي ١٦

## پَٽَ پِرت جا پياريَوَ- نشا نينهن جا چڙهيا،
## ثابت سجود سر ڪي- نہ آر ٻي اڙيا.

١- شوق جا شيشا شرابي- برھ پياريا بيحجابي،
نانگا پي ٿيا نايابي- لاحد ڏي لڙيا.

٢- ڪيفي ڪيف ڪلال تي- جذب جوش جلال تي،
وحدتي وصال تي- اُهي مانجهي ڪونہ مڙيا.

٣- ڪيفي ڪُوزا قهر جا- ظاهر پياريَوَ زهر جا،
لاحد واري لهر جا- قابو قرب ۾ ڪڙيا.

٤- ڏني ساقيءَ سرڪ سوائي- عطا ٿيو عشق الاهي،
مولا ’مهديءَ‘ سان ملائين- مَئي موج ۾ مڙهيا.

# ڪافي ١٧

## پنهنجي پاڪ پسيم پيشاني- ويا شڪ شبه شيطاني.

١- هٽڻ حجاب هليو ويو هڪدم- نور رهيو نوراني.

٢- رنگ چڏي بيرنگ رهياسي- لاحد ۾ لاثاني.

٣- ساه صدق سر گهورڻ گهوريان- ’مهديءَ‘ اڳيان مهماني.



# ڪافي ١٨

## پنهن جو پاڻ سڃاڻين، حق ڄاڻين-
## تون سارو سبحان آ، پيو نہ گمان آ.

١- اَلِ انسان سري وانّا سِرَهُوَ- اِن تي اعتبار آڻين-




٢- وفي اَنِ فُسِڪُمُ واري فرمودي- رمز رهبر جي رهاڻين-

٣- حال همّه ۾ هجڃان هردم- ٻي سڀ ڪوڙ ڪهاڻين-

حال حلاجي حڪم هلائي- موج 'مهديءَ' جي ماڻين-

# ڪافي ١٩

## جيڪي آهي هِتِ ، هُتِ چا هوندو،
## هِتان ڪٺي اڳتي الائي چا هلندو.

١- هِتِ هُتِ الله،بي ڪانهي ڪا واهه-
صبر جهڙي صلاح،انهيءَ راهه رسندو.




٢- جن ڏٺو هِتِ،تن کي جِتِ ڪِٿِ-
وچئون ناهي وٿِ،هڪو هڪ هوندو.

٣- هتئون جو حال،ڪر نہ ڪنهن کي سوال-
اتڪل ساڻ الله،ڪڏهن ڪين ملندو.

٤- ’مهدي‘ منهنجو امام،سجدو جنهن کي سلام-
گڏيائون هيءُ غلام،ونيون نال ويندو.

# ڪافي ٢٠

## جاني جانب يار، دل کي دام وڌا تو.

١- مونکي ڪين وسارج - مولاٰ ، سگهڙي لهج سنڀار.

٢- راتيو ڏينهان روح اندر ۾- طلب اوهان جي تار.

آءُ اڱڻ تي منهنجي- سائين، ’مهدي‘ ٿي مهدار.



# ڪافي ٢١

## جيڏو شاهہ مردان جو شان ڏٺم-
## ايڏو ٻئي نہ ڪنهن جو مان ڏٺم.

١- هيڪل هردم ڪري هسواري- چؤڪنڊين چؤ طرف چوڏاري،
نالو سندس آ نر نرواري- ضعيفن جو زمان ڏٺم.

٢- عاشقن ۾ عاشق اعليٰ- بسير بيخود بيشڪ بالاءِ
ڪتي مظهر ڪتي مولا- هر جاءِ سندس آشيان ڏٺم.

٣- پنجن ٻارهن ۾ آهي پڌرو- چئن چوڏهن ۾ آهي چهرو،
چونہ ڳايان مان سندسِ سهرو- صوبن ۾ سلطان ڏٺم.

٤- احد احمّد انور،'مهدي' محّمد منّور- ثابِت سراسر سرور،
ساقي عّلي سبحان ڏٺم.

# ڪافي ٢٢

## چو ٿو پاڻ لڪائين ، ڇڏ عاشقن سان اٽڪل-
## اٿئي طالبن جي توڪل.

١- اندر وينو آهين،ڪيئن چوان تہ ناهين ،
دم دم حڪم هلائين،واهہ وٽيا تنهنجا ول ڇل.

٢- عاشقن اندر ۾، ثابت ڪيئي سِرَ ۾،
ظاهر زير نہ زبر ۾، ٿئي راض سان رلمل.

٣- ڪُلَ تي آهين قادر، ظالمن تي زابر،
صابرن تي صابر، جهٽ پٽ ڏيکين ٿو جهل جهل.

٤- اچي ڪيئي اظهاري ، بيرنگ بيک بهاري ،
مولا ’مهديءَ‘ جي مهداري ، پڳا پَوَ مڙوئي پل پل.

# ڪافي ٢٣

## ڇڏ نٻگيءَ جا ناهه - آهين تون پاڻ الله.

١- ذات صفات سموري تنهنجي- رکُ نوري نظر نگاهه.

٢- ميم جو مولهيو اَتي متي تي- قائم قربُ ڪلاهه.

٣- لا اله واري ڪري اثباتي- ويسهُ وجهه الله.

٤- وچ درياهه وحدت جي- ’مهدي‘ ٿيو آ ملاح.



# ڪافي ٢٤

## حال حسيني حاضر ناظر،حيدر جي همراهي، بي پرواهي-

١- دم دم ديد دروني درسن- چشمن جي تہ چٽائي،صاف صفائي.

٢- مانجهي مرد ميدان ۾ مرڪي- سورهہ آيا سپاهي،اِها آهہ اَدائِي.

٣- در دربان عليءَ جي دائم- رهبر راز رسايُئي، تورو لايئي.

٤- اهي پلايون عشق جون پايان- ’مهديءَ‘ ساڻ ملايئي، توڙ رسايئي.



# ڪافي ٢٥

## دم ريڏا وتئون دم دم سان- ڪار ناهيون ٻئي ڪم سان.

١- نانگا نيارا آهيون نُوري- جوڙ ناهيون جم جم سان.

٢- عشق اَمُرَ جا عاشق آهيون- صورت واري ٿم ٿم سان.

٣- معرفت آهي ماڳ اسان جو- حقيقي هم هم سان.

٤- ’مهّديءَ‘ واري مام تي محڪم- ڳڏيل ناهيون غم غم سان.



# ڪافي ٢٦

## ديد دروني پايون،پيونہ پايون ،
## جيڪي لکيل قرآن ۾، جملي جهان ۾.

١- فزڪروني اذڪرڪم ڪي،سيني منجھ سمايون.

٢- وفي اَنِ فُسَڪُمَ واري فرمودي، گيت اَنّ الحَقُ الايون.

٣- تار توحيدي هر جاءِ حق حق- ڳلي ڳليءَ ۾ ڳايون.

٤- موج ’مهديءَ‘ جي محڪم ماهر- ناتو نينهن نباهيون.



# ڪافي ٢٧

## ڏِس اُهو جيڪو توکي ڏِسي ٿو-
## پيا ڏِسڻ کهڙا ڏِسندين ڏسندين.

١- ڪول گهونگهٽ کي ٿي پئہ غازي ،
پرواني جيئن پچندين پچندين.




٢- سِر تريءَ تي اڏيءَ جي آڏو ،
ڪات خنجر سان ڪسندين ڪسندين.

٣- پُرجهي پيهي پس تون پاڻ ۾ ،
رمز انهيءَ سان رسندين رسندين.

٤- موج 'مهديءَ' جي ڏس تون ماڻين ،
وحدت سان جڏهن وسندين وسندين.

# ڪافي ٢٨

## راءِ آيو پنهنجي رعيت ۾، ڪري راڄن ساڻ رهاڻيون.

١- صدقي صدقي يار سڄڻ تان ، مال مڏيون مهمانيون.

٢- ڪونسل ڪورٽ قرب ڪمائي- هر سان هڪ هڪاڻيون.

٣- ظاهر باطن هادي ’مهدي‘ - موج مدامي ماڻيون.



# ڪافي ٢٩

## سڌو پنڌ صورت جو- پيون واٽون ڪل وَر-
## ڏورين چو ڏونگر.

١- مال مڏيون محبوب تان- گهوري گهائج گهر-




٢- لاهي ڏيج لڱن تان- ماس هڏن جو ٻَرُ-

٣- لاهي لاڳاپا لوڪ جا- صدقي ڪجانءِ سِرُ-

٤- زهد عبادت زاريون- ڪرين جو هر هر-

٥- محڪم رهه انهيءَ موج ۾- 'مهديءَ' سان ماهر.

# ڪافي ٣٠

## سِر جو سانگو لاهه، پلي پوءِ عشق کي هٿڙو لاءِ.

١- اول لاهج سر جو سانگو- گوڙ گلا جو پائج گانگهو،
ڪڏي ڪڏي ڪنڌ ڪپاءِ-------------

٢- منصور مرڻ ڪان مور نہ مڙيو- سِرُ سوليءَ تي ساجهر چڙهيو،
ان الحق الاءِ پلي -----------------

ڪار قتل ڪان ڪنڌ نہ ڪيائج- ڪربل وارو قرب ڪمائج،
اُتي اک اٽڪاءِ -----------------

٤- چڏي غلامي ٿي تون غازي- رمز رنديءَ ۾ ره تون راضي،
’مهدي‘ مَن مِلاءِ -----------------



# ڪافي ٣١

## ساقيءَ سارو سُر سمجهايو- گيت ان الحق ڳائڻ جو.

١- دم دم درسن ڪر وينو دم جو- چشمن چوٽ چلائڻ جو.

٢- هڪدم حال حلاج هلائي- سوريءَ سِرُ سلائڻ جو.




منصوري معراج ماڻائي- اناالحق الائڻ جو.

٤- عشق اچڻ سان حڪم هلايو- ’مهديءَ‘ جي ملائڻ جو.

# ڪافي ٣٢

## سوگهو ساھ ٿي ويو منھن جو توسان صنم،
## مونکان نٿو وسري تنھن جو اسم جسم.

١- لکيو لوھ قلم ۾ لکجي ويو- اِھو انگ الستي رکجي ويو،
آهي سر تہ اوھانجي جو يار قسم-

٢- پيوند پيچ پريت جو پئجي ويو- قابو قرب ڪڙيءَ ۾ ڪڙجي ويو،
چونہ لاهي لڳن تان ڏيانئہ لحم-

٣- صنم ساھ سدا توڪي ساري ٿو- گهڙي دم نہ يار وساري ٿو،
مونکئون وسري ويو آ ٻيو ڪلئي وَهَمُ-

٤- اِها موج مدامي ماڻين تون- وري طرف نہ ٻئي ڪنھن تاڻين تون،
اِنهيءَ مامَ ’مهديءَ‘ واري هُجُ محڪم-



# ڪافي ٣٣

## سيئي پڳيون سي حدون- ڪاهي پيا آهيون قصور ۾.

١- انهيءَ قصور ۾ پيا آهيون ڪاهي- جو قصور منصور مارائي،
اجا بہ سورن جون سڏون- هر دم آهيون حضور ۾.

٢- ڪٿي عاشق آهيون عذابي- ڪٿي صوفي صاف ثوابي،
ڪٿي برابر بدون- آهيون نسوري نُور ۾.

٣- حد لاحد ڪان لنگهي اڳاهون- ٻيا وري کهڙا پنڌ پڇايون،
صورت واريون سِڏون- گهايل آهيون (انهيءَ) گهور ۾.

٤- ڪٿي احمد ڪٿي احدي- ڪٿي محمّد ڪٿي ’مهدي‘،
ڪٿي مَئي پيون تا مدون- پل پل آهيون (انهيءَ) پور ۾.

# ڪافي ٣٤

## شاَهه نور ڏنم نروارا- سٽيم سانگ سري دا سارا-

١- پتلا بنائي خاڪي- اِتان آڻ ٽياهي اوطاقي-
چشمان دا چمڪارا-




٢- رنگ محل دي رائي- پرين پنهن جو پاڻ پسائي-
اهي آهن عشق جا آرا-

٣- ’مهدي‘ مهدار امام مڪائون- ٻئي جو اِهڙو شان نہ ڪيائون،
آيا ٽي اظهارا-

# ڪافي ٣٥

## صورت سر ڪي سَؤ سَؤ سجدو-
## ڪهڙو اسان جو ڪعبي ڪم.

١- صورت صاف سجاتم سهڻي- ميم ملي آ مورت مهڻي،
درسن آهي دائم دم.
٢- تن طواف ڪرن ٿا طالب- وحدت ورد وجودي واجب،
اور اندر ۾ الف اسم.
٣- ڪعبو قدسي آهي اندر ۾- سهي سجاتم ثابت سر ۾،
عشق الاهي آهي عُظم.
٤- عشق امام ’مهدي‘ ٿي آيو- جنهن هُو هُو جو هوڪو هُلُ هلايو،
غازِن ڪي وري ڪهڙو غم.



# ڪافي ٣٦

## طلب طمع ڪي طالب ترڪن، وحدت واري واه سان، ويساه سان.




١- ٻوڙي ٻائڙ ٻيائي ٻاري- لاحد واري لاه سان- ويساه سان-

٢- ڪربل ڪوڪ ڪنائي قائم- قرب قتل واري ڪاه سان- ويساه سان-

٣- هڪدم حال حلاج هلائي- رهبر واري راه سان- ويساه سان-

٤- پيوند پيچ پريت جو پائي- ’مهدي‘ مورت ماه سان- ويساه سان-

# ڪافي ٣٧

## عاشق ٿي تہ اسير، آيو عشق امير-
## پڙهي فرض فنا جو، فالم ٿي تہ فقير-

١- عشق آهہ عالم، سبق ڏئي سالم-
منجهئون منجهہ معلم، آهي پاڻ اڪسير.

٢- عشق آهي امُل، جنهنجو ناهي ڪو مُلهہ-
سِر جو سودو سَلِ، ثابت ٿي سير.

٣- عشق جنهن سِرِ آئي، رنگ تنهن سر لائي-
نالو ذات چاهي، سيّد هجي توڙي پِير.

٤- ’مهدي‘ محمد هڪ، لاهي ڇڏيائين شڪ-
ڏئي دئي کي ڏڪ، پياري شرابون شير.

# ڪافي ٣٨

## عاشقن اثبات ڪيو آهي، امانت ڪنهن ڪنهن،
## ثابت صورت سير جي آهي، سلامت ڪنهن ڪنهن.

١- زاهد زماني ۾ ٿيا قيدي ڪروڙين ڪيترا،
هن حقيقت حال جي آهي، هدايت ڪنهن ڪنهن.




٢- سير ساري ڪي ڪندا، صادق سراسر ڪي سهي،
انحدي اقرار جي آهي عنايت ڪنهن ڪنهن.

٣- الله ڪي اثبات ڪيو، اصل ڪان عاشقن،
وحدتي ويساه جي آهي، ولايت ڪنهن ڪنهن

٤- نُور ڪي نروار ڪيو، نانگن نظاري نام سان،
’مهدي‘ مهدار جي آهي، ملاوت ڪنهن ڪنهن.

# ڪافي ٣٩

## عشق آندو آهي اُتي- اصل واري آشيان تي.

١- عشق آشيان ڏيڪاريو اصلي- واه ويراڳ وٽيو آ وصلي،
پنهن جو پاڙ ۾ پتي-




٢- عشق جي منزل عاشق ڄاڻن- سر سهائي سير سڄاڻن،
راض رهيو جي رتي-

٣- مَئي محبت موج مچائي- وحدت ڪثرت ڪل وڃائي،
’مهدي‘ ميلي متي.

# ڪافي ٤٠

## فنا بقا جو سير ڪيوسي- لاشڪ ٿي لاثاني گوهرُ گياني-

١- اصلي ذات الاهي آهين- اولو ٿئي انساني-

٢- چوڏهن طبق تماشو تنهن جو- تون آ شاه شاهاني-




٣- ستين عرش عظيم کان اڳتي- عاشق ٿيو آشياني-

٤- مظهر ۾ ٿي آيس ’مهدي‘- صوفي صاف سيلاني-

# ڪافي ۴۱

## گهِرو ويس گلابي غازن- پرت منجهارون پهريو آ-

۱- اَمر اڏيءَ تي آيا امالڪ- صوفن ڳايو سِهرو آ-

۲- مَردن پنهن جو حق سڃاتو- چشمن سان ٽيو چِهرو آ-

۳- مَردن ميدان ملهايو ’مهدي‘- نينهن نباهيو نِهرو آ-



# ڪافي ۴۲

## گهورِي وڃان مان گهوري- آءُ پيارل اوري-

۱- ويهان ڪيئن ويڙهن ۾- ٿرِ چڙهيس تنهنجي ٿوري-

۲- ڪائڻ ڏيان خوشيءَ مان- ماس هڏن جو ڪوري-

۳- ’مهدي‘ ماڳ مارن جو- الله ڪندو شل اوري-



# ڪافي ۴۳

## لاٗ تي لاحَد لِڪُ لڪايم- عشق ڪري اظهاري- حق حقداري-

١- حّد لاحَد جو مالڪ آهيان- سوره سِرُ سرواري، خيال خماري-

جزب منجهارون جامون پاتم- جيڏن ۾ جنساري، حال هزاري-



٣- ڪربل ڪاهي قدم ڪڏائي- آيس تي اختياري، قول قراري-

۴- نيهي ناتو نينهن نباهي- ’مهديءَ‘ جي مهداري، مئي مختياري-

# ڪافي ۴۴

## مسافر هِن ماڳ تون ، پَلي ويا پنهن جو پاڻ.

۱- وڃي وسايون ويراڳ ڪي- وصل وارو وٿاڻ-

۲- ساري نہ نيائون ساٿ سان- چڏي ويا چاڪاڻ-

۳- راتيون ڏينهان روح ۾- روئڻ ڏئي ويا رهاڻ-

۴- ’مهدي‘ مون مسڪين سان- سدا سيّد ساڻ.



# ڪافي ۴۵

## مرڻ جيئڻ وس منهنجي- قضا ڪي ڪهڙي قدرت-
## وسري وئي وحدت-

۱- موتون تي ڏنڙم موت ڪي- انت موتون آيت-

۲- سر ڏنوسين سڪ مان- سامهون ڪري صورت-

۳- پرجهي ڏنڙم پاڻ ۾- آڏو نہ عبرت-

۴- ظاهر ڪيڙم ذات ۾- ’مهديءَ‘ جي مورت-



# ڪافي ٤٦

## محب مٺا مونسان ڪر نہ ماٽان- اڏج اندر ۾ اوطاق.

١- حجت هرگز ڪانہ هلي تي- مِهِرَ پوئي من ماڪَ.

٢- جيئري جانب ڪر نہ جدائي- ماريو ٺا مشتاق.

٣- ڪر ڪوهيارل ڳوپ ڳنڍڻ جو- وک نہ پوي هڪ واڪَ.

٤- ساھ سيلاني ساري ’مهدي‘- پاڻ پسائج پاڪَ.



# ڪافي ۴۷

## ماندو مفت مران ٿو- موٽج منهنجا يار-

۱- سنڌن سور پرايو- واڪا ڪن ٿا وار-

۲- ڏڻ ڏنارن ڇيڙيا - پرچن شال پنهوار-




۳- سنجهي سات سنبيريائون- اِها پاڙيچن هئي پچار-

۴- ’مهدي‘ مون مسڪين جي- سيّد لَهُ تو سنيار-

# ڪافي ۴۸

## مون تہ منهنجو قوتُ- طلب تہ ٻئي ڪنهن طعام جي ناهي.

١- مون ماري مات ڪئي سي- هڪل هڪ هاهوت.

٢- مون مارئي مان هٿ چا آيئي- مليو ملڪ ملڪوت.




٣- مون ماري ٽياسين ماهر- نظر رک ناسوت.

۴- مظهر ۾ آهي 'مهدي' ماهر- لنگهي ويو لاهوت.

# ڪافي ۴۹

## نينهن پڙهائي نماز- وَقت واجب ويا ڪل وسري.

١- پنجئي وقت پڙهياسي پورا، نابودي ۾ نياز-
گوڏا گسن تي پيا آهن گسري.




٢- نظر نور نظاري نيهي،فرض نکي فياض-
عشق الاهي آيو اُسري.

٣- مام انهيءَ تي محڪم ماهر، الستي آواز-
نسنگ نانگا ٿيا آهيون نسري.

۴- موج ’مهديءَ‘ جي محڪم ماهر- صورت واري ساز-
يڪاياڪي آهيون ياوريُسري.

# ڪافي ٥٠

## نام مولا جو ڪيمَ وسار- هر دم بندا رهه هوشيار-

١- صورت سهڻل جي رَڪُ تون سيني- قائم قرب قرار.

٢- دم دم درسن ڪر وينو دم جو- اندر پنهنجو يار اُجار.

٣- وڃج وهائج يار نه ٻيو ڪو- وحدت جو ڪر واپار.

٤- آخر اميدون عشق پڄايون- ’مهديءَ‘ مرسل هٿ مهار.



# ڪافي ٥١

## هر صورت ڏهون يار، جدائي عشق ڪرائي آ.

١- ريهَ ڪجل جي رنگي رائي- گهتي گهتي تہ گهمائي آ.

٢- لعل لبان تي لالي لاحد- سوريءَ سِرُ سنبائي آ.

٣- پياس پيارل جي ڪيو آ پڏرو- ’مهدي‘ موج مچائي آ.



# ڪافي ۵۲

## حجت حسن سان ناهي چڱي- هرڪو بيهي پري پڄي.

۱- حجت حُسن سان جن ڪئي- تن وڃائي ويهي وهي،
انهيءَ ريجهه ۾ ويڙا رهي- تن ڪان سرت وئي ساري سڄي.




۲- حجت جو جن هلاءُ ڪيو- اثبات تن نہ الله ڪيو،
تن ڪفر جو ڪُلاهُ ڪيو- سي لاف ۾ تيڙا لڄي.

۳- عاشق انصاف آ- صورت سر ڪي طواف آ،
وني وحدت وارو واس آ- نہ تہ خان ويا ڪيئي ڪڄي.

۴- ’مهدي‘ منهن جو امام آ- سجدو جنهن ڪي سلام آ،
قائم اِهوئي ڪلام آ- ويا سي راض رهبر جي رڄي.

# ڪافي ۵۳

## عشق الاهيءَ ڪيو احسان- ڪونہ پڙهيوسين ڪلمو قرآن.

۱- ساقيءَ سارو سُرُ سمجهايو- سجدو صورت سر صبحان.

۲- لاالٰهَ وارا لتا لاڳاپا- الاالله واري آهيون ايوان.



۳- مسجد مندر حق هيڪڙائي- لاهي ڇڏيائين شڪ گمان.

ذڪر فڪر جي ڪلڙي نہ ڪائي- ’مهدي‘ واري آهيون ميخان.

# ڪافي ۵۴

## عشق وارن کي عشق ريءَ آرام ناهي-
## قرب وارن کي قرب ريءَ ٻيو ڪام ناهي.

۱- موهيا وتن مخمور، ٿيا مستان مخفي-
طالبن کي طلب ريءَ، ٻيو طعام ناهي.




۲- نامورَ ناميان، نفي نيزي نظر ٿيا-
نينهن وارن کي، نينهن ريءَ ٻيو نام ناهي.

۳- 'مهدي' و مهدار مظهر، مئي مندر ۾-
ڳُرَ سجاڻن، گفتگو ئي عام ناهي.

# ڪافي ٥٥

## آيو عشق مولا ، لڪين لائق پانيان،
## سبب کهڙي سرتيون ، لوڪ ڪان لڪايان.

١- هٿن ۾ هزارين ڳچيءَ ڳل مون ڳانا،
اِها چير سورن جي، پيرن مؤن نہ لاهيان.




٢- مسرور ڪيو آ اوهان يار حبيبن،
اِهو ڏاج ڏڪڙن ، بره بوند پانيان.

٣- بيدل کي بچايو بره يار باري،
تنهنکي ڪيو مان ڪچ ۾، وينو وره وسايان.

---

( مذڪوره ڪلام فقيرپاڪ (مهدي مولا) جو آهي- ليڪن نالو بيدل فقير
جن جو آهي، جيڪو مالڪن پاڻ ڪلام ۾ رچايو آهي )

# ڪافي ٥٦

## عشق الله ريءَ عمر اجائي ، ويهي وقت وڃايُئي،

## هٿ ڇا آيئي.

١- نينهن نماز ڪان ٿيئڙين نابرُ،
پنهن جو پاڻ پڏائي، هٿ ڇا آيُئي-

٢- فرض فنا ڪان ٿيئڙين فارغ،
بوڙيئي ڪين ٻيائي، هٿ ڇا آيُئي-

٣- مئي مهتاب علي مستانو چوي،
سچو سخن سٽايُئي، هٿ ڇا آيئي-

---

( هي مٿيون ڪلام فقير پاڪ مهّدي مولا جن جو آهي،
پر نالو مهّتاب علّي جن جو آهِ- جيڪو فقير مالڪن جو
طالب درويش هو، جيڪو ذات جو وگڻ آهي )